# ڏيئو

ليکراج ڪشنچند عزيز 1897ع ۾ ڄائو. هي نظم سنڌي زبان جي بلند پايہ شاعر ليکراج ڪشنچند عزيز جو چيل آهي. سندس شعر جو مجموعو "ڪلياتِ عزيز" جي نالي سان ڇپيل آهي. هو سٺو مضمون نويس ۽ نقاد بہ هو. سندس مضمونن جو مجموعو "ادبي آئينو" جي نالي سان ڇپيل آهي.

ڪکائن گهرن کي تون روشن ڪرين ٿو،
غريبن جي جُهنرن کي گلشن ڪرين ٿو،
لٽي سج عيان پنهنجو جوڀن ڪرين ٿو،
سحر تائين هر جا نشيمن ڪرين ٿو!

مزورن ۽ ڪُڙمين سان همڪار آهين،
فقيرن جي مجلس جو سينگار آهين،
سڙي تون ٻين کي ڏئين ٿو سُهائي،
رکيل تو ۾ ڪيڏي نہ آهي چڱائي!

ڀري کان مُنجهيل جي ڪرين رهنمائِي،
ڏِياءِ تو ۾ آهي سراسر سچائِي،
سچو دوست دشمن تي دلسوز آهين،
سچائيءَ سان سڀ جو شب افروز آهين!

مدد ڏين ٿو ڪم ڪار ۾ تون با محنت،
ٻرڻ سان تنهنجي ٿئي دفع ظلمت،
نہ پنهنجي پرائي جو ڌارين تفاوت،
رکين قلب ۾ ڪانہ ڪنهن ڏانهن ڪدورت.

سعادت جو بيشڪ تون آهين ستارو،
ڏِياءِ تون ٿو لاهين جهان تان انڌارو؛
هوا ساڻ سر لاٽ جو ٿو جُهڪائين،
ٿو نِوَڙت ڪندي پنهنجي جِيوت بچائين.

حياتيءَ جو مقصد سچو ٿو ٻُڌائين،
ٻين لاءِ پنهنجو ٿو تن من جلائين،
جَلي جي ٻين کي سُهائو ڏين ٿا،
لَکين گهورَ تن تان پتنگا ٿين ٿا!

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- ڪڪائن گهرن کي ڪير روشن ڪري ٿو؟
2- ڏيئي ۾ ڪهڙي چڱائي رکيل آهي؟
3- ڏيئي وٽ نوڙت جي ڪهڙي نشاني آهي؟
4- شعر جي آخري ٻن سٽن مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ڪڪائن – ڪڙمين – سُهائي – سراسر – لاٽ.

(ج) اهڙا پنج لفظ ٻڌايو، جيڪي جاين جا نالا هجن.

(د) ○ هيٺ ڏنل شعر مڪمل ڪريو:

حياتيءَ جو مقصد ——— ٿو ٻڌائين،
ٻين لاءِ پنهنجو ٿو ——— جلائين.
——— ٻين کي سهائو ڏين ٿا،
——— تن تان پتنگا ٿين ٿا.